# جتھا ٿڙ لدور



١٩٨٦



سنگم چونڊ ڪھاڻيون

# من تنها، منزل دور

چونڊ ۽ ترتيب

**ڪرم الاهي چنا**

سنگم پبليڪيشنس

٣٧ - يوني پلازه ، آءِ آءِ - چندريگر روڊ

ڪراچي ، سنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنگم پبليڪيشنس جو ويهون ڪتاب

چيئرمين : سيد بشير احمد شاھ
سڪريٽري : ڪرم الاھي چنا

قيمت : پندرھن رپيا


MAN TANHA – MANZIL DOOR
(Selected Sindhi Short Storeis)

Edited by: Karam Illahi Channa
Published by: M/s SANGAM PUBLICATIONS,
37- Uni Plaza, I.I. Chundrigar Road,
Karachi - Sindh.
Printed by: Wahid Art Printing Press,
Rattan Talao, Akbar Road,
Karachi - Sindh.
First Published: April 1984.
Price: Rs. 15.00





پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پبلشر پاران

اداره سنگم پبليڪيشنس جو ويهون نمبر ڪتاب ”من تنها - منزل دور“ حاضر آهي - هي ڪتاب انهن شاهڪار ڪهاڻين تي مشتمل آهي جيڪي ڪافي وقت اڳ سنگم سيريز ڪتابي سلسلي جي مختلف ڪتابن ۾ ڇپيون هيون - ۽ ان وقت اسان جي مهربان پڙهندڙن انهن کي ڏاڍو وساراهيو هيو ۽ سوين خط لکي پنهنجي پسند جو اظهار ڪيو هو. انهي مذڪوره ڪهاڻين جي تخليقي معيار ۽ اهميت کي مد نظر رکندي ڪين هڪ هنڌ گڏ ڪري ڇاپيو اٿئون. اميد ته پڙهندڙن وٽ اسانجي هي نمائي ڪاوش قبول پوندي.

ڇڳو سدائين گڏ  
سڪمان  
ڪرم الاهي چنا  
اپريل ۸۴ ۱۹ ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ميڙ باڳو ۽ سنڌ راڻي | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 7 |
| صبح ازلِ | غلام رباني | 18 |
| ڳامون سچار جي پٽ جو انٽرويو | امر جليل | 29 |
| اعتراف | خالد سنڌي | 46 |
| ٿڪل سوچون | خيرالنساء جعفري | 58 |
| نئون روپ | گل محمد چنا | 65 |
| عورت ۽ سماج | حليم بروهي | 80 |
| ٽڪري پڇاڙي | شوڪت حسين شورو | 94 |
| حقيقت | نسرين رانا | 102 |
| ليڊر جو عشق | لياقت عزيز | 106 |
| هڪ ڪنواري ڇوڪري | ولي رام ولڀ | 119 |
| ڪانڌ وهيڻو | خاڪي جويو | 125 |
| جذبا - پرندڙ وجود جا | زيب سنڌي | 129 |
| مامتا | عذرا چنا | 135 |
| سليم هاشي جو چريو ٽيو | ابراهيم خشڪ | 155 |
| مينهن ڪڻي | شهناز ميمڻ | 160 |
| اڇايل مَنُ | منير چانڊيو | 165 |
| وياڪل نظرون - وياڪل واٽ | ڪلا پرڪاش | 171 |
| من تنها - منزل دور | محمد علي سنڌي | 179 |




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکي 'سنڌ سونيتي' مڃيو هو. هاڻي ته تون مچ پچ هڪ ڏينهن 'سنڌ راڻي' ٿيندينءَ."

سونيتيءَ جو پيءُ، ميان صاحب جي نوازشن تي راضي ٿي، خدا آباد ۾ ونس ملاقاتن لاءِ وڃڻ لڳو. هڪ دفعي با قبائل ويو ته ميان صاحب شاهي ڪوٽ اندر کيس شان سان رهايو. بلوچ سردار اُن وقت ميان صاحب جي ڪوٽ ۽ ڪچهريءَ جا محافظ هئا، ۽ واري سان ميان صاحب جي حفاظت ۽ خدمت لاءِ مقرر ٿيندا هئا. ان وقت مير مرزي خان پنهنجي پاران پنهنجي نوجوان پٽ مير باگي خان کي خدمت لاءِ خدا آباد موڪليو. ڪوٽ جو انتظام مير باگيءَ جي حوالي ٿيو. وڏيري جي روانگيءَ وقت اتفاق سان هن نوجوان جي نظر وڃي 'سونيتي' تي پئي، جنهن جي سونهن کيس گهائي ڇڏيو، پر پنهنجي مربي ميان صاحب جو ننگ، سندس ننگ هو، انهيءَ ڪري ڳالهه کي وساري ڇڏيائين.

ان بعد وڏيري جي رضا سان، ميان صاحب جي 'سنڌ سونيتي' سان مڱڻي جي رسم ادا ٿي. ان وقت هن سونهن پريءَ جي عمر ڏهه ٻارهن سال کن هئي. وڏيرو پنهنجي اصلوڪي ڳالهه تي قائم رهيو ته شادي تڏهن ٿيندي، جڏهن نياڻي لائق ٿيندي. ميان صاحب اها ڳالهه خوشيءَ سان قبول ڪئي.

ان بعد، ميان صاحب جي دعوتن تي وڏيرو باقبائل خداآباد ايندو ويندو هو. ڪنهن موقعي تي ميان صاحب جي ڀاءُ 'ميان عبدالنبي' سنڌ سونيتي کي ڏسي ورتو ۽ هوش خطا ٿي ويس. حسرت سان چوڻ لڳو ته: "جيڪر هيءَ حور منهنجي مڱ هجي ها!" ان عرصي ۾ ميان سرفراز جي وزير راجي ليکي جي سازشن سببان ملڪ ۾ مانڌاڻ متل هو. راجي جي چورت تي ميان سرفراز، مير بهرام خان کي شهيد ڪرايو، ۽ انهيءَ ظلم سببان آخرڪار ميان سرفراز کي قيد ڪيو ويو ۽ سندس ڀاءُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غلام رباني

## صبحِ ازل

ڏس، تو ڪي خط لکڻ لاءِ مون کهڙو نہ بامعنيٰ ۽ خوشنما ليٽرهيڊ منتخب ڪيو آهي!
ڪنهن ڏاهي چيو آهي:

خوشتر آن باشد کہ سر دلبران
گفت آيد در حديث ديگران
(چڱو ائين آهي تہ دلبرن جا راز
ٻين جي ڳالهين ٻولهين ۾ بيان ٿين.)

سو، مون بہ مناسب ائين سمجهيو تہ توسان مخاطب ٿيڻ لاءِ، خط تي سنڌو سنئون تنهنجو نالو لکڻ بدران ڪنهن خوبصورت تشبيه ۽ استعاري جي اوٽ وٺان.

اهو خيال ڪري، جڏهن تنهنجي مرڪندڙ منهن جو تصور ڪيم، تہ مونا ليزا کان مارلين مونرو تائين، دنيا جي دلربائن جا نالا منهنجي دل جي دنيا جي آسمان تي تارن وانگر جهرمر ڪرڻ لڳا. انهن مڙني مہ لقائن ۾ هڪ نالو مون کي سڀني کان وڌيڪ وڻيو: اهو هو ”قرت العين —— صبح ازل“.

ايران ۾، جڏهن قاچاري خاندان جا بادشاهہ حڪومت ڪندا هئا، تڏهن حسن ۽ عشق جي هن سرزمين تي، هڪ پيڪر ناز جلوه افروز ٿي. سندس نالو هو قرت العين طاهره. (قرت العين جي معنيٰ آهي ”اکين جو ٺار“).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايران جي شاعرن سندس سونهن جي ساراهہ ۾ ڪيئي قصيدا جوڙيا، جن کي ٻڌي، وقت جو بادشاهہ، ٻرپٽ دل وڃائي ويٺو ۽ قرت العين کي شاديءَ جو پيغام موڪليائين.

قرت العين جي سونهن رڳو گوريءَ رنگت ۽ خوبصورت منهن مهانڊي تائين محدود ڪانہ هئي. هوءَ حسن جي راڻي هئڻ سان گڏ،بي انتها حساس ۽ اعلى پايي جي شاعره هئي. ”مجازي خفتن“ کان ڪنڌ ورڪو پاڻ ڇڏائي، ”ذات مطلق“ ذانهن متوجهہ ٿي چڪي هئي ۽ قلندري طريقو اختيار ڪري، ميران ٻائيءَ وانگر نگر نگر ڦري رهي هئي.

جڏهن بادشاهہ جو پيغام پهتس، تہ خانہ بدوشن واري زندگي ڇڏي، منهنجيءَ محلات جي رونق ٿيڻ قبول ڪر، تڏهن جواب ۾ چورائي موڪليائينس:

تو و حشم و جاه سکندري
من و رسم و راه قلندري
اگر آن خوش است تو در خوري
اگر اين بد است مرا سزا
(تون ۽ سڪندر وارو رعب تاب
مان ۽ قلندرن وارو هي فقيري نمونو
جي اهو سٺو آهي تہ شال تو کي نيبهہ هجي
جي هيءُ برو آهي تہ اهو منهنجو نصيب!)

قرت العين اها ڳالهہ وساري ڇڏي تہ ”نازڪ مزاج شاهان تاب سخن ندارند.“ (بادشاهن جو نازڪ مزاج، سچ جو تاب سهي نہ سگهندو آهي). سو، بادشاهہ سندس جواب ٻڌي، ڪاوڙجي، کيس مارائي ڇڏيو. پر قرت العين جي ڪوس ايران جي ڌرتيءَ کي ڌوڏي ڇڏيو!

هر شهيد جي خون وانگر، سندس خون جي قطري قطري مان ڪيئي شمعون روشن ٿي ويون، جن جي جوت ۾ اڃا تائين ڪيترا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ايٽم بم اڇلايائون. هزارين انسان ـ ٻار، ٻڍا، مرد ۽ زالون ـ جهٽ پلڪ ۾ اجل جو لقمو ٿي ويا.

آمريڪا جي اخبار نويسن اچي مون کي واريو. چيو: هي ڪهڙو ڪيس ڪيئه! هزارن انسانن جو قتل تنهنجي ئي گردن تي آهي.

مون کين سڄي روئداد ٻڌائي ۽ روز ويلٽ ڏانهن لکيل پنهنجو ليٽر ڏيکاريو. تڏهن وڃي همراه مس مس ٿڌا ٿيا. پر پوءِ به مايوس ٿي چيائون: جي سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جا اهي هاڃا جاري رهيا، ته هڪ ڏينهن انسان ذات جو وجود ئي ڏرتيءَ تان مٽجي ويندو."

آئنسٽائين چيو ته: "مون ان تي کين چٽي طرح ذهن نشين ڪرايو ته:

"انسانذات جي ترقي ۽ روشن مستقبل جو دارو مدار سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ليول تي منحصر نه آهي.
ان جو انحصار معاشري جي اخلاقي قدرن تي آهي."

آئنسٽائين جي ڳالهه ٻڌي، مون کان ڇرڪ نڪري ويو ۽ سمجهه ۾ آيم ته قرآن ڪريم ۾ انسان کي "عمل صالح" (اخلاقي قدرن جي بالا دستيءَ) جو بار بار تاڪيد ڇو ڪيل آهي؟ اهو به ياد آيم ته قرآن ڪريم صاف صاف ٻڌائي ڇڏيو آهي ته:

"پوءِ جنهن ذرڙي جيتري نيڪي ڪئي هوندي، اهو اُن کي ڏسندو ۽
جنهن ذرڙي جيتري بدي ڪئي هوندي، اهو اُن کي ڏسندو."

مان آئنسٽائين کان موڪلائي آئيس، سمهڻ جي ڪمري ۾ وڃي اچا بستري تي ليٽيس مس ته دروازو کڙڪيو ۽ حافظ ۽ خيام اندر آيا. کلي چيائون: "ٻڌءِ، ڪانيوخان پروچ ۽ البرٽ آئنسٽائين جون ڳالهيون. اسان ته توکي اڳي ئي ٻڌايو هو ته هي سڄو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# امر جليل

## گامون سچار جي پٽ جوانٽر ويو

امتحان جا نتيجا نڪرڻ جي موسم موٽي آئي. اخبارن جا خاص نمبر ۽ سپليمينٽ شايع ٿي رهيا هئا. نتيجا هڪ ٻئي جي ڪڍ نڪري رهيا هئا، تنهنڪري اخبارن جا ڪالم ۽ صفحن جا صفحا انگن سان ڇپجي رهيا هئا. هونئن جو روزانو ٻن ڇئن ٻنگين، پيلن، ڇيڙن ۽ مينگهواڙن جي مسلمان ٿيڻ جون خبرون ۽ ٿر جي واڻيائڻ جسو اسلامي اصولن کان متاثر ٿي ڪنهن مسلمان وڏيري سان راضي-خوشيءَ، ۽ بنا ڪنهن ڏهڙ دوڙ جي شادي ڪرڻ، ۽ اسلام قبول ڪرڻ جا اعلان ساڄي آڳوٺي سان شايع ٿيندا هئا، شايع ٿيڻ بند ٿي ويا. سياسي ۽ بين الاقوامي خبرن جسي اهميت گهٽجي ويئي. ڏک وچان پوڙهن ۽ نوڙهن سياسي مدارين في الحال حالتن آڏو هٿيار اڇلي ڇڏيا ۽ خاموشيءَ جي ٻرن ۾ گم ٿي ويا.

مان عالمگير اخبار جسو سياسي نمائندو آهيان. منهنجو ڪم آهي سياسي جلسا قلمبند ڪرڻ، ۽ سياسي پارٽين ڪان پوءِ ڊنرن يعني رات جسي مانسيءَ ۾ شرڪت ڪرڻ. مونکي گهڻو ڪري جلسن بدران رات جي ماني، يعني ڊنر ۾ شامل ٿيڻ سان گهڻي دلچسپي آهسي. سنڌ جسي سياسي طوائف جي پڳ هميشه کان سرمائيدارن جي هٿ ۾ رهي آهي. سياسي رن اسان جهڙن ڪنگالن جي ور نه چڙهي آهي جو دال-مانيءَ تي، ۽ ڪڏهن بکن ۾

”مطلب تہ مان ڳاموَن سچار جو پٽ آهيان،“ هن پنهنجو نِنڊِڙو هٿ اڳتي وڌائيندي چيو، ”منهنجو نالو گهاڻ آهي.“

”اڙي منهنجا سائين،“ مون خوشيءَ وچان گهاڻ کي ڏرتيءَ تان کڻي ورتو.

”مونکي هيٺ لاهہ.“

مون گهاڻ کي ڏرتيءَ تي رکي ڇڏيو.

”هائي کيٽ، ۽ مختصر لفظن ۾ بڌاءِ تہ رات جو پوري نوين لڳي ڇو آيو آهين؟“

”سائين،“ مون نوٽ بوڪ کڻندي چيو، ”اوهان بي. اي سول انجنيرنگ ۽ ايم. بي. بي. ايس فائنل ۾ هڪ ئي وقت پهريون نمبر آيا آهيو.“

”اها ڪا وڏي ڳالهہ ناهي،“ هن جواب ڏنو، ”مان جلد ئي ايل. ايل. بي ۽ ايم. ايس. سي ايگريڪلچر جي امتحانن ۾ ساڳئي وقت پهريون نمبر ايندس.“

”ضرور ضرور،“ مون نوٽ ڪيو، ”سائين جنهن وقت اوهان اخبار ۾ پنهنجو رزلٽ ڏٺو ان وقت اوهان ڇا محسوس ڪيو؟“

”ڪجهہ بہ نہ.“

”ڪجهہ بہ نہ!؟“

”نہ،“ هن وراڻيو، ”ڇو جو رزلٽ جي خبر مونکي اڳوات پهچي چڪي هئي.“

مون حيرت مان گهاڻ ڏانهن ڏٺو.

هن چيو، ”ايگزيمنيشن ڊپارٽمينٽ ۾ پٽيوالي کان وٺي ڪنٽرولر تائين منهنجا يار آهن.“

”هوشيار شاگرد جو هر هنڌ قدر هوندو آهي،“ مون نوٽ بڪ ۾ لکندي ڳالهايو: ”ڇا اوهان پيا امتحان بہ خصوصي حيثيت سان پاس ڪيا آهن؟“

”ها،“ هن آسمان ڏانهن ڏسندي وراڻيو، ”ميٽرڪ مون ڇهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سائين،" مون کهاڻ کان پڇيو، "ڀلا ڀنهي امتحانن مان توهانکي سولو امتحان ڪهڙو محسوس ٿيو؟"

"بي- اي سول انجنيئرنگ جي امتحان ۾ مان پاڻ وينو هيس، تنهنڪري سمجهان ٿو اهو امتحان مڙيئي سولو هو،" هن ڏاڍي فراخدليءَ سان ٻڌايو، "۽ ايم- بي- بي- ايس جي امتحان ۾ منهنجي بدران منهنجو هڪ ڊاڪٽر دوست وينو هو."

"يعني توهين——"

"ها، مان ايم-بي-بي-ايس جي امتحان ۾ وينو ئي نه هوس."

"خير،" مون نوٽ بڪ جو پنو اٿلائيندي چيو، "اهو ته ٿيو امتحانن جي تياري وغيره جي باري ۾ احوال. هاڻي مهرباني ڪري ٻڌايو ته، جيئن ته توهين خدا جي فضل سان ڊاڪٽر ۽ انجنيئر ٿي پيا آهيو، اڳتي لاءِ اوهان جو ڪهڙو پروگرام آهي؟"

"مان نوڪري ڪندس،" هڪدم چيائين، "سرڪاري نوڪري."

"ماشاءالله، قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪندؤ."

کهاڻ مونکي پيٽ ۾ آڱر هڻين. مون ڏانهس نهاريو. هن ٻئي ٻانهون هوا ۾ ڦيرائيندي چيو، "مان ڳاسون سچار جي ٻيءَ جو پوٽو آهيان، يعني ڳاسون سچار جو پٽ آهيان. تنهنڪري مري پوندس، پر ڪوڙ هرگز هرگز نه ڳالهائيندس."

"ته ڇا، توهين ڊاڪٽر ۽ انجنيئر ٿي قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪرڻ نٿا چاهيو؟"

"نه. ميان پنهنجي ۽ پنهنجي آل اولاد جي خدمت ڪندس."

"ته پوءِ سرڪاري نوڪري ڇو پسند ڪئي اٿوَ!"

"ڇو جو سرڪار جو پيڙو پورڻ ڪابي هٿ جو ڪم آهي."

"ڪيئن؟"

هن گهڙي ڪن سوچڻ کان پوءِ چيو، "انجنيئر ٿيندس. سرڪاري سيمنٽ جون ڳوٿيون گدامن مان ڪڍائيندس، سرڪاري لوهه وڪڻندس، ناقص عمارتون تعمير ڪرائيندس، ۽ ٺيڪيدارن مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خالد سنڌي

## اعتراف Confessions

”مون پنهنجي وجود کي ايٽم بم جي هڪ ٺي ٺماڪي سان اڏائي رک ڪري ڇڏيو آهي. ۽ تو پنهنجي وکريل وجود جي تڪميل انيڪ خوبصورت جسمن سان ڪئي آهي.
تنهنجو اهو الزام اکين تي....

مريم،
ڪجهه انسان، بيگناهه هوندي به گناهگار هوندا آهن
۽ مان،
نه خدا آهيان،
۽ نه ئي پنهنجي تقدير بدلائڻ جي آرزو اٿم.
توکي،
بيگناهه، معصوم ۽ خدا هئڻ مبارڪ....

مان توکي ڏوهه ڏيڻ نٿو چاهيان. ڏوهه منهنجوئي آهي!
مان Utopian (تصوراتي) دنيا جو باسي آهيان. خيالي دنيا جو رهاڪو. آئيڊيلزم جو شڪار. پاڇولي جي پويان ڊوڙندڙ- بي منزل مسافر.... مون تمام عمر سپنا ڏٺا آهن. سندر سندر سپنا. انهن سپنن ۾ وڏا وڏا خيالي محل جوڙيا اٿم. تاج محل کان به اوچا. جيڪي حقيقي دنيا ۾ فقط ڪو شهنشاهه ئي جوڙي سگهيتو.
مريم تنهنجو پيار هڪ سپنو هيو.
اڻ پورو اڌورو سپنو.

تو جنهن شدت سان مونکي پيار ڪيو،
انهيءَ تي اڄ به سان اٽم.
ته پوءِ اڌوري سپني جي تقدير تي ماتم ڇو ڪريان؟
زندگي ته پائڻ ۽ وڃائڻ جو نالو آهي.
اسان زندگي جي انهي مختصر عرصي ۾
ڪجهه خوشيون حاصل ڪرڻ چاهيندا آهيون.
ڪجهه خوشيون حاصل ڪندا آهيون.
۽ ڪجهه خوشيون حاصل ڪري، پين کي خيرات ڪري
ڇڏيندا آهيون!
۽ ائين زندگي پائڻ ۽ وڃائڻ واري عمل ۾ گذريو وڃي.
ائين ٺيڪ به ته آهي.
زندگي ۾ فقط خوشيون ئي هجن ها،
ته هر انسان فرعون بنجي وڃي ها.
(مون کي تنهنجي مومي هٺ جو اعتراف آهي).

توکي ياد آهي مريم.
۲ فبروري تي، جڏهن تون هميشه لاءِ مونکان جدا ٿيڻ لاءِ موڪلائڻ آئي هئين ته مان توکي روڪڻ چاهيو، ليڪن ڪوشش ڪانپوءِ بہ توکي روڪي نه سگهيس .... ۽ انهيءَ کان ڪجهه ئي وقت اڳ، جڏهن بلقيس مونکي پنهنجي زندگي جو محور سمجهي، منهنجي وجود جي چوگرد ڊوڙون پائي طواف ڪري رهي هئي، ته مان انهي جي خلوص کان متاثر هوندي به پنهنجي پيار جو اعتراف نه ڪري سگهيس.
خبر ائني ڇو؟
انهيءَ لاءِ جو مان بزدل آهيان!
هر پيري منهنجي مات جي پويان خوف هيو.
شڪست جو خوف.
هڪ ڊنل ۽ هيسائيل پار جيان،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان هر پيري،
پنهنجي جيت جو ڀرم قائم رکڻ خاطر مات رهيس.
انهيءَ مات تي اڄ به شرمنده آهيان!

مريم؟ سونکي اعتراف آهي.
مان ضدي، خود غرض، شڪي، ڪم ظرف، ڪميڻو، خود پرست
۽ بزدل انسان آهيان....

پنهنجي خول ۾ لڪل، ڏنل ۽ هيسيل....
اڄ مان انهن سڀني ۽ ٻين عيبن، خامين ۽ گناهن جو
اعتراف سولائي سان ڪري سگهان ٿو.
شايد انهيءَ لاءِ جو مون هارايو آهي.
۽ هارايل انسان هميشه ڪان،
پنهنجن ڪيل ۽ اڻ ڪيل گناهن جو اعتراف ڪندا آيا آهن.
........
وقت توکي بي گناهه
۽ مونکي ڏوهاري بنايو آهي....
........
پنهنجو پنهنجو نصيب آ سائڻ ڪنهنکي ڪيڙو ڏوهه ڏجي....
مريم ائين ڇو آهي؟
ڪو انسان ڪنهن سان تمام عمر گذاري ڇڏيندو آهي ۽
موت تي پنهنجي پويان ڪا ياد ڪا نشاني نه ڇڏيندو آهي....
۽ ڪنهنجي قرب ۾ گهاريل هڪ ئي لمحو، جهنم کي جنت
۾ تبديل ڪرڻ جو اختيار رکي ٿو....

هائو هڪ پل....
سپني جيان گهاريل هڪ لمحو.
۽ تو انهيءَ هڪ لمحي ۾،
ڪاتب تقدير ٿي، منهنجي نصيبن کي بنائڻ جو عزم ڪيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڪن تو پيري، توکي پاڻ سان گڏ وهائڻ جو بہ خوف هيم. هڪ طرف زندگي جو حاصل تنهنجو پيار هيو، ٻئي طرف وڇوڙو هيو، شڪست ۽ رسوائي هئي. مون تنهنجي پيار تان هٿ کڻي فقط شڪست کان بچڻ لاءِ فراريت اختيار ڪيم. اهوئي سبب هيو جو ٢ فبروري تي جڏهن تون موڪلائي واپس وڃڻ لڳين تہ توکي روڪڻ لاءِ زبان مان هڪ لفظ بہ نہ آڪليو. لاشعور ۾ لڪل خوف کان مان ماٺ رهيس ۽ تون بنا پوئتي ڏسڻ جي ننڍا ننڍا قدم کڻندي ڪمري کان ٻاهر نڪري وئين.

توکي ياد آهي مريم، هڪ ڀيري جڏهن مان زخمي ٿـي اسپتال پهتو هيس ۽ تون مونسان ملڻ اسپتال آئي هئين تہ تـو مونکي زخمي ڏسي روئي ڏنو هيو. ۽ پوءِ جڏهن ملاقات جو وقت ختم ٿيو ۽ هرطرف اونداهہ ٿيڻ لڳي تـہ مون توکي چيو هيو: ”مريم اونداهہ ٿي وئي آهي، گهر وارا انتظار ڪندا هوندا.“ تون جواب ۾ ماٺ رهئين. تنهنجي اکين ۾ لڙڪ هيا.

هڪ آها بہ تنهنجي واپسي هئي جنهن ۾ جدائي جو ڪرب هيو ليڪن ميلاپ جي اميد بہ .... الائي ڇـو تنهنجي انهيءَ عارضي جدائي تي بہ روئڻ آيو هيم. چيو هيم: ”هڪ پل لاءِ بہ وڇڙي وئين تہ زنده نہ رهندس!“

تون حيران هوندين. حيرت تہ مونکي بہ آهي. پنهنجي فطرت، هٽ ڌرمي، ضد ۽ منجهيل نفسيات سان اڄ بہ زنده آهيان....

مريم، اڄ مان تو آڏو پنهنجي هر خامي، ڪوتاهي ۽ خودغرضي جو کليل دل سان اعتراف ڪرڻ چاهيان ٿو.... مان بزدل هيس پنهنجي ئي هٿن سان شڪست ماڻي اٿم. توکي پاڻ لاءِ خلوص دل سان تنهنجو پيڇو ڪيان ها تہ شايد توکي حاصل بہ ڪري وٺان ها.

ليڪن سنهنجي اندر ۾ تہ خوف هيو. شڪست جـو خوف. محبت جي ڀرم ٽٽڻ جو خوف، .... ۽ مون لاءِ توکي وهائـڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجا گناه ڀوڳڻ لاءِ تيار آهي.

مان اقرار ٿو ڪيان ـ مان تنهنجو ڏوهاري آهيان. تنهنجي هوندي به منهنجو بلقيس سان تعلق قائم رهيو. مان هر پيري بلقيس سان جسماني تعلق قائم رکندو آيس، ۽ انهي! تعلق کي قائم رکڻ لاءِ، توکي ڪو نه ڪو Logic ڏيندو رهيس.... منهنجو هر دليل ڪمزور هوندو هيو، ليڪن اهو تنهنجو ظرف هيو جو تون منهنجي هر ڪمزور ۽ بي وزن دليل کي اکيون پوري قبول ڪري وٺندي هئين. (شايد منهنجي خوشي خاطر.)

اڪثر ائين به ٿيندو هيو ته مان پنهنجي ڪنهن چوري کي لڪائڻ ۾ ظاهر ٿي پوندو هيس ۽ پوءِ جڏهن ڪنهن ٻئي ڪوڙ جو سهارو وٺندو هيس ته تون پوري ڏيـان سان منهنجي ڳالهه ٻڌندي هئين. جڏهن مان ڳالهه ڪري پوري ڪندو هيس ته تون اکيون پوري چڙيندي هئين. ۽ ائين تون منهنجي دل رکڻ خاطر قبوليت جو اعتراف ڪري وٺندي هئين....

انهي پل پنهنجي ڪاميابي تي اندر ۾ خوشي جي لهر اٿندي هئي ۽ مان سک جو ساهه کڻي ڳالهه مٽائڻ خاطر ٻـي ڳالهه شروع ڪندو هيس .... اڄ جڏهن ماضي بابت سوچيندو آهيان ته محسوس ٿيندو اٿم مان توکي نـه، پنهنجو پاڻ کي تمام عمر فريب ڏيندو آيو آهيان.

تو ٺيڪ ٿي چيو آهي مريم. سون پنهنجي وجود جي تڪميل انيڪ خوبصورت جسمن سان ڪئي آهي. تنهنجي هوندي، ۽ تنهنجي موت کانپوءِ به. هر پيري ڪنهن نه ڪنهن خوبصورت جسم سان منهنجو جسماني تعلق رهيو آهي. تنهن هوندي به ڏس، اڄ مان ڪيڏو نه تنها آهيان.... هيڪلائي ڪنهن آسيب جيان منهنجي ڪمزور وجـود کي وڪوڙي وٺي آهي.... هر خوبصورت ۽ دلڪش جسم جي رفاقت، سياري جي سج جيان عارضي ٿي.... رات جي تنهائين جا ساٿي ڪڏهن زندگي جا ساٿي نه ٿيندا آهن. تڏهن به هرڪنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس وجود کي پنهنجي جهوليءَ ۾ ميڙڻ بجاءِ، بند مٺين ۾ مروڙي هوا جي رخ تي اڇلايو آهي ته جيئن وکريل وجود جا ذرا اڃان به وڌيڪ وکري وڃن.

مريم.... جڏهن بلقيس جدا ٿي ته انهيءَ کي ائين چئي قبول ڪيم ته بلقيس جسماني جنت جي ڳولهائو ڪريٽ ڇڙڪري هئي. ۽ پوءِ هڪ ڏينهن جڏهن تون به بنان ڪجهه ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جي هر تعلق، ڪنهن ڪچي ڌاڳي جيان ٽوڙي هلي وئين، ته سوچيم: ڇڱو ٿيو مريم تون پاڻ هلي وئين. جي تون نه وڃين هان ته شايد اڳتي هلي مان نباهه نه ڪري سگهان هان. مان هڪ لوئر ڪلاس انسان. مون وٽ توکي ڏيڻ لاءِ ڪجهه به ته نه هيو. نه مانُ نه مرتبو ۽ نه ئي زندگي جو ڪو سک....

۽ ائين مون پنهنجي شڪست کي، هر ڀيري خوبصورت انداز ۾ قبول ڪرڻ لاءِ، هميشه ڪنهن نه ڪنهن لاجڪ جو سهارو ورتو آهي.

ليڪن اڄ ڀرم ٽٽو آهي. هر دليل رد ٿيو ۽ شڪست پنهنجي تمام تر حقيقت سان ڪنهن راڪاس جيان پاڻ کي قبول ڪرائي چڪي آهي. منهنجي وجود ڪان خود پرستي ۽ مغروريت جا پٿر، ڪنهن اجڙيل ۽ ويران مزار وانگيان لهي چڪا آهن....

مان خوش آهيان مريم.... تون پوري هوش ۽ حواس سان زنده رهڻ جي جستجو ڪري رهي آهين ۽ مون وٽ، زندگي ۽ موت، هڪ ئي ڪيفيت جا به نالا آهن....

تون انهيءَ زندگي کي، انيڪ خوبصورت جسمن سان وکريل وجود جي تڪميل جو الزام ڏئي پاڻ کي Justified ڪري سگهين ٿي.

تنهنجو اهو الزام اکين تي ....
تنهنجو هر الزام اکين تي ....



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خيرالنساءِ جعفري

## ننڍڙيون سوچون

آمن، يامن، جذبن ۽ احساسن جا رشي ۽ پيغمبر ڪا وات هلائي ڪا وات منجهائي ماڻهوءَ کي وچ ۾ مير ۾ ڦٽو ڪري مٿان ئي مٿان آڏري ويا.

اندر جي بيڪار قيدخاني ۾ جذبن ۽ آدمن جي ڪا قيمتي يادگار، جا وقت گذرڻ سان ڳل گذري نه ٿي، بلڪ محفوظ کان محفوظتر ٿيندي ٿي وڃي. ماڻهوءَ ليکي مان آزاد ذهن سان آزاد زندگي گذاري سگهان ٿي. هر سچي زندگي ڪا شهزادي سليم ۽ ۽ نورجهان جي آڏريل ڪبوترن جهڙي رومانڪ نه ناهي جو هڪ ڪبوتر اتفاقاً اڏيو، پيو ارڏائي وڃان اڏايو ويو ۽ نتيجي ۾ عشق جي انڌ تي ٻئي ڄڻان زندگيءَ جو سفر هڪ ٻئي جي آڌار تي گذاري ويا.... هت ته ٻنهي هٿن جا ڪبوتر اتفاقاً اڏاڻا. ٻئي هٿ خالي ڪنيو، فيصلو اهو ڪرڻ ويني آهيان ته انهن خالي هٿن سان دل کي جهليان يا دماغ کي!

**

وک وک هرڪائي ٿي، سوچڻ نٽي چاهيان ٻر الاهه چو هڪ قدم اڳيان کڻڻ جي بجاءِ ٻه قدم پويان ٿي وڃان. جت ماضيءَ جي بيشمار يادگارن سان انيڪ يادون جذباتي رنگ سان دڳ جهليو بيهن.

پريشان ٿي پاسي کان پيل ريڊئي جو بٽڻ آن ڪيم ته اتفاقاً، جو آواز ٻه ڪنن ۾ پيو ته اهو هي: "يه تو وهي جگه هے- گذرے تهے هم جہاں سے -

# گل محمد چنا

## نئون روپ

ڪامريڊ پير سان منهنجي پهرين ملاقات سنڌ جي ڳوٺ ۾ ٿي. بئنڪ جي نوڪريءَ ۾ اچڻ کان اڳ، مان بنيادي جمهوريتن جي نئين کاتي ۾ سپروائيزر چونڊجي ويو هوس. تقريباً ٽن ڏينهن جي ٽريننگ بعد، جا ٽنڊي ڄام ۾ ٿي، اسانجي پوسٽنگ ڪئي وئي. منهنجي حصي ۾ لاڙ جا ٻه تعلقا آيا. سامان سڙو ويڙهي وڃي پنهنجي حد ۾ پهتس. ڪجهه ڏينهن ته ڪم نه ڪار. سارو ڏينهن آواره‌گردي ۾ گذري ويندو هو. پر نيٺ بنيادي جمهوريت جي ميمبرن جي ٽريننگ شروع ٿي. اسانکي پنهنجي حد ۾ سينٽر مقرر ڪري، ان ۾ يونين ڪائونسلن جي ميمبرن کي پندرهن ڏينهن جي ٽريننگ ڏيڻي پوندي هئي. جنهن ۾ انهن کي بنيادي جمهوريت وارا قانون، سماجي ڀلائي، اڳواڻ ڪئين ٿجي ۽ ٻيا مضمون پاڙهڻا پوندا هئا.

ٽريننگ سينٽر ٽنڊو ڄام يونين ڪائونسل جي آفيس کي بنايو ويو، جا ڪن دوڪانن مٿان هئي. آفيس جي ڏاڪڻ جي حالت بيحد خسته هئي، تنهن ڪري مٿي چڙهڻ سچ ته جهاد ڪرڻ برابر هو. ٽريننگ سينٽر ۾ آيس ته پهريون شخص جو مونکي نظر آيو، سو هو ڪامريڊ پير.

پير عبدالفتاح اٽڪل ساڍن ڇهن فوٽن واري هلڪي جسم جو مالڪ هو. سنڌ منهن ٿورو ڊگهڙو ليڪن مٺو هو،

سندس نڪ انب جي ڦار وانگر وريل ۽ سنهڙو هو. چپ سنها ۽ ڳل ڳاڙها هئس، جي سندس حساس طبيعت جا شاهد هئا. وار گهنڊيدار ۽ ڳنڍي وريل ۽ سمنڊ جــي لهرن موافق. اکين تي عينڪ، جنهن جو فريم نازڪ، خوبصورت ۽ گلڪاري ڪيل. ڪنن وٽ ٿورا اڇا. ڪلندو هو ته سندس ڳلن ۾ گهنج پئجي ويندا هئا، ليڪن سندس اڇا سنهڙا ڏند ڏاڍا سٺا پاسندا هئا. سندس عمر چاليهن جي لڳ ڀڳ هئي، ليڪن ان جي باوجود به سندس جسماني حسن برقرار هو، جنهن ۾ عجيب قسم جي جنسي ڪشش جهلڪندي هئي.

ٽريننگ جو مقرر وقت درحقيقت پنج ڪلاڪ هو، ليڪن ايترو وقت ميمبرن کي وهارڻ معنيٰ مندن ڏينهن ڪارڻ. انهن ۾ ڪي واپاري ته ڪي دڪاندار هئا، ڪي هاري هئا ته ڪي زميندار. تنهنڪري مان پنهنجو ليڪچر، اڪثر ڪري، ڪلاڪ ڏيڍ بعد ختم ڪري کين موڪل ڏيئي ڇڏيندو هوس ۽ باقي ڏينهن ڪتابن پڙهڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ ۾ گذاريندو هوس. پير صاحب جون زمينون سندس وڏو ڀاءُ سنڀاليندو هو، سو پاڻ فڪر معاش کان آزاد ۽ آجو هو، ۽ گهٽو ڪري مونوٽ ويٺو رهندو هو. انڪري اسين هڪ ٻئي کي ويجهو ايندا وياسين. اسانجي گفتگو جو موضوع به مقرر نه هو اسين ادب، فلسفي، سياست ۽ جنس وغيره تي بحث ڪندا رهندا هئاسون. مونکي پير جــي مطالعي جو داد ڏيڻو پوندو هو، ڇاڪاڻ تـــه سندس اسڪولي تعليم پنجن درجن تائين محدود هئي. انهي گهٽ تعليم جي باوجود به هر مضمون تي سٺي ڄاڻ ۽ خاص دسترس رکندو هو. هن مونکي ڪيترائي نوان ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنيا. شام جو اسين پنڌ ڪرڻ جي غرض سان به نڪرندا هئاسون. ڳوٺ جي ڀرسان هڪ واهه هو، جنهن جي سرسبز ڪناري سان ڪڏهن اوڀارا ته ڪڏهن لهوارا ٻه اڍائي ميل نڪري ويندا هئاسون. گرمين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا ڏينهن هئا ۽ ڀوتڙا ساڻ هوندا هئا، تنهنڪري موٽندي وهجندا به ايندا هئاسون.

هڪ ڏينهن اسين دستوري چڪر تي وڃي رهيا هئاسون، جو مون پير کان پڇيو: ”ڪامريڊ تو وٽ وقت به هوءِ پيسو به. ذهين به آهين ۽ هوشيار به. پوءِ به تون ڇو نه پڙهئين؟“

مون ڏنو ته سندس منهن تي ڏک جي هڪ لهر تري آئي ۽ پوءِ چوڻ لڳو ته: ”آئون حيدرآباد ۾ پڙهندو هوس، جڏهن هڪ ڏينهن ادو وڏو آيو. اسين ٻئي سئنيما تي وياسون. کيل شروع ٿيو ته ادي مونکي چيو ته کيس ڪاسٽ پڙهي ٻڌايان. پر مونکي اکر چٽا ڏسڻ ۾ نٿي آيا. ان تي ادي کي اچي وهم ويٺو ته متان مان نور وڃائي نه ويهان، سو مونکي عينڪ به ٺهرائي ڏنائين ۽ ساماڻ به کڻائي اچي ڳوٺ پهچايائين.“

ايتري ۾ اسانجي منزل اچي ويئي ۽ اسان ڪپڙا لاهي گوڏيون ٻڌي، واهه ۾ ٽپي پياسون. ٿڌو پاڻي جسم کي ساري ڏينهن جي گرمي جي تپش ۽ ٻڪهر کان نجات ڏياريندو ٿي ويو. سامهون سارين جا سرسبز کيت هلڪي هوا تي ڪنهن ماهر رقاصه جيان رقص ڪري رهيا هئا.

ڪامريڊ وڏو سماجي ڪارڪن هو ۽ هاري جماعت جو سرگرم ڪارڪن پڻ. مارشل لا کان اڳ پنهنجي تعلقي جي جماعت جو صدر به هو. اڪثر هارين سان ٻچ ٻڪ ڪندو وتندو هو. هارين سان ٿيل ظلمن جو اپٽار ڪندي ٿڪندو نه هو. چئي: ”ڪامريڊ توکي خبر نه آهي ته هتي هارين سان ڪهڙا ظلم ٿا ٿين. ڪهڙاتاڪلور ٿين. سندن عزت، سندن دولت، ڪجهه به محفوظ نه آهي. وڏيرو جيڪي چاهي سو ڪري. هاريءَ جي ڳئون ۽ ٻڪري، گهر در ، ويندي زال ۽ ڌيءُ به وڏيري جي ملڪيت آهي. جڏهن چاهي، تڏهن استعمال ڪري سگهي ٿو. جيترو وقت چاهي، اوترو وقت رکي سگهي ٿو.“ مون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حليم بروهي

## عورت ۽ سماج

عورت ۽ سماج تي گهڻو ئي لکيو آهي، سو مان به ڇو نه لکان؟ مون کهڙو ڏوهه ڪيو آهي سماج يا عورت جو، جو مان سماج ۽ عورت تي نه لکان؟ ۽ مون سماج يا عورت جي ڪا ڀلي ماري آهي جو مان سماج ۽ عورت تي نه لکان؟ هي ئي سوال ڪي ورهيه منهنجو ذهن جهنجهوڙيندا رهيا، ۽ آخر جڏهن مونکي خاطري ٿي ته مون سماج يا عورت جي ڪا به ڀلي نه ماري آهي، تڏهن مون هي ڪتابڙو لکڻ جو فيصلو ڪيو ۽، الحمد الله، اڄ مان فخر سان هي ڪتابڙو پنهنجين منهنجين ڀينرن ۽ سماج جي قدمن ۾ رکان ٿو.

هي ڪتابڙو دراصل تحقيقاتي تجربن جو نچوڙ آهي. پڙهندڙ پاڻ اندازو ڪندو ته مون نه عورت جو پاسو ورتو آهي پر نه سماج سان ڪا زيادتي ڪئي آهي. سماج ۽ عورت جا پاڻ ۾ تعلقات عالم آشڪار آهن جو رستن ۽ چوواٽن تي به اڪثر عورت جا چنبا سماج جي لڙڳوٽ ۾ کتل هوندا آهن ۽ ٽرئفڪ جام ٿيل هوندي آهي، پر تنهن سان سائنسي تحقيقات جو ڪهڙو واسطو؟ سائنسي تحقيقات ۽ تحقيقاتي تجربن جو بڻ بنياد اهي ٺوس حقيقتون آهن جو لڪ اڏر اهي وڃندو آهي. اهوئي سبب آهي جو هي ڪتابڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوا پر تون....“

اڪبر ڪلڻ لڳو.

”روحاني پيار درويش ۽ اولياءَ ڪندا آهن. تو جيڪڏهن مون کي ڪو درويش يا بزرگ سمجهيو آهي ته اها تنهنجي ڀل آهي. اسين اهڙو واندو ڪونه آهيان جو روحاني پيار جي بڪواس وارين ڳالهين ۾ وقت وڃايان.“ هن ڪاوڙ مان چيو.

نسرين جو هانءُ ڦسي پيو. هن چاهيو ته اوڇنگارون ڏئي زور زور سان روئي. پر هن پاڻ کي روڪي ورتو. پوءِ به هن جي چاني چڻ ڦاٽي رهي هئي. هوءَ اٿي چادري پائڻ لڳي.

هن کي لڳو ته اهو اڪبر نه هو، امجد هو جنهن کي هن پنهنجي مرضيءَ جي خلاف پنهجو جسم ڏئي ڇڏيو هو.

نسرين کي اها سڀ کي نفرت محسوس ٿي ۽ هن جي اندر ۾ اڀرڪا ٿيڻ لڳا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نسرين رانا

## حقيقت

اڄ آڪاش جي اڱڻ ۾ چنڊ پنهنجي پوري جوڀن سان جنوه نماهو، هيٺ ڌرتي چنڊ جي چانڊوڪي سان چمڪي رهي هئي- دل ٿي چاهيو ته چمڪندڙ چنڊ قريب هجي پر هو هميشه جيان ڏور هو- انهيءَ ڪري ڪير ٿو پائي سگهي. صرف چڪور جيان ماڻ جي آس تي چنڊ مٿان پنهنجو سڀ ڪجهه، گهوري سگهجي ٿو- سندس ازل. جي سونهن مٿان ساه صدقو ڪري سگهجي ٿو- ڪيڏو نه سهڻو آهي- ڪيڏو نه سندر آهي اهو پيارو، من موهڻوچنڊ. جنهن سان راڌا ڪيڪئي پنهنجي پياريپت رام کي ريجهايو هو- صرف آرسيءَ منجهه عڪس ڏيکاري!

مان هيٺ ڌرتي جي دالان ۾ ليٽيل هيس. اکيون چنڊمٿان کتل هيون- مان ڪيس تڪي رهي هيس. ڪيڏي ڪيڏي مهل نيڻ ڍڪي ٿي پيا- اکيون ٻوٽيم ٿي پر اکڙين منجهه چنڊ جو جو پاڇولو هو- سوچيم ته آخر مان ڇو چنڊ کي تڪيان ٿي! چنڊ ۽ منهنجو ڪهڙو ناتو!؟ مان چڪور به ته ناهيان جوچنڊ کي چاهيان! مان تارو به ناهيان جو هن جي چوڌاري ڪڙان- مان ڪڪر به ته ناهيان جو هن کي پنهنجي وجود ۾ سمايان؟ آخر اهو ڪهڙو رشتو آهي جو مان چنڊ کي چاهيان ٿي- لڪي لڪي ليئو پايان ٿي.

رات جي ڪاري ديوي ڪافي دير کان ڪائنات کي پنهنجن

## وليرام ولڀ

# هڪ ڪنواري ڇوڪري

”هان هي وٽ نجوڙيءَ جي چاهي. نوان هيرا اڄ ويا آهن، سڀاڻي سوير اهي پرڪٽا اٿيئي.“ سارا جي پيءُ چيو. هو هيرن کي تراشڻ جو ڪم ڪندو هو. صدين کان اهو سندس خانداني پيشو هو. هيٺ دڪان هئس ۽ ٻاڻ مٿين منزل تي رهندا هئا. اها ئي اڪيلي ڌي سندس اولاد هو، جنهنکي اڳتي هلي ڪاروبار سنڀالڻو هو.

سارا ڏاڍي اتساهه سان ورائيو، ”ڪيترن ڏينهن کان انهن هيرن جو انتظار هو. مان خاص طور تي انهيءَ نيري پٿر کي ڏسڻ ٿي چاهيان، جنهنجي باري ۾ انهيءَ جي واپاري لکيو هو.“

”منهنجي خيال ۾ اهو پٿر ڏاڍو قيمتي آهي. مون اڄا تائين ڏٺو ناهي. هيرن جي باهه- ٻاٽيءَ جي پرک تنهنجي هٿان ئي ٿيڻ گهرجي.“ پڻس اعتماد سان چيو.

سارا فخر وچان پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪنيو. سندس نازڪ منهن ۾ ڪاريون اکيون اڳي کان وڌيڪ چمڪي اٿيون. سندس ڳچي سچ پچ صراحي جهڙي هئي. سارا ڇٽي قميص تي ترنڊڙ ميڇين جي پرنٽ هئي. ڪسڪنڊڙ نرم ميڇين جٽڻ سندس من ۾ نئين کي ڏسڻ جي هڪ خواهش پيدا ٿي. سندس من جو ٻاٽي سمورو ڪنوارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيري کي ٻاهران ڏٺو ته سج جو ڪرڻو هاڻي هيري تي نٿي پيو. جڏهن هوش آيو — سارا ڏٺو ته هوءَ هيري کان ٻاهر هئي، ميز جي ڀرسان فرش تي پيئي هئي ۽ سندس انگ ڇور ڇور ٿي چڪو هو.

انهيءَ ڏينهن سارا هيري کي وري نظر ڀري نه ڏٺو. اڳي جئن ڪاغذ ۾ ويڙهي دٻيءَ ۾ بند ڪري تجوڙيءَ ۾ رکي ڇڏيائين. گرم ڪپڙا پائي پنهنجي ڪمري ۾ وڃي سمهي رهي.

شام جي ويل جڏهن سارا جي پيءُ هيرو ڏٺو ته کيس لڳو ته واپاري ساڻس دوکو ڪيو هو. هيرو داغيل هو. منجهس لال رنگ جو هڪ ننڍو ٽڪ هو. هن جڏهن سارا کان سندس راءِ پڇي ته سارا ڪجهه به نه ڪڇي. سارا جي زندگيءَ ۾ اهو پهريون ڏينهن هو جو هوءَ چپ هئي. پيس کي واپاريءَ تي ڏاڍي ڪاوڙ پئي آئي، انهيءَ ڪري ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هن چيو ته هو اهو هيرو واپس موڪلي ڇڏيندو. انهيءَ ڏينهن سارا چپ نه رهي سگهي — ٻيو ڪجهه نه چيائين، رڳو اهو ته هوءَ هيرو واپس نه ڪندي. پيس هيرو منڊيءَ ۾ جڙائي سارا کي ڏيئي ڇڏيو — ۽ کيس لڳو جڻ سج — مرد جي ميلاپ سان جيڪو ٻج سندس گرڀ ۾ پئجي ويو هو اهو وڌو تي وڌي رهيو هو.

(آندري پيرد ماند يارگ جي ڪهاڻيءَ جو ترجمو)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# زيب سنڌي

## جذبا- پوندڙ وجود جا

—اڙي او زندگي....
زندگي تنهنجي ته....
ڪيڏو نه تنگ ڪئي ڪيو آ زندگيءَ!!
هي زندگي آ ؟!؟!؟....؟؟
منهنجي خيال ۾ ته هن زندگيءَ کان موت وڌيڪ بهتر آهي.
موت!!!
موت! اوهه.
زندگي؟؟؟

خير ڇڏينس. مونکي ڪهڙو سوچڻ نه گهرجي. هرو ڀرو ٿو مٿو خراب ڪيان پنهنجو!

سوچون. اڻ کٽ سوچون. لاڳيتا چار سگريٽ ڦوڪي وارن ۾ هٿ ڦيري ٿو. پنهنجي اندر ۾ سيون چيندي، ۽ وجود ڪنهن چار ۾ قاتل محسوس ڪري ٿو. عجيب قسم جون سوچون ايرڻ لڳيون اٿس:

سگريٽ ٿو پيئان.... ڇڏينس مزو نه ڏيندو، ڏاڍا پيتا اٿم.... پر جاني جهوندا آهن ته سگريٽ اڪيلاين جو ساٿي آهي. ڏوڙ! انسان انسان جو ساٿي ٿي نٿو سگهي ته پوءِ سگريٽ وري ڏوڙ انسان جو ساٿي ٿيندو....

خير سگريٽ انسان جو ساٿي ٿي سگهي ٿو، ڇو ته اهو

# عذرا چنا

## ماما

[اٺهويهين صديءَ ڌاري لکيل هن شاهڪار ڪهاڻيءَ جي اصل خالق عورت جي نالي جو اڃان تائين پتو پئجي نه سگهيو آهي.

هيءَ ڪهاڻي سڀ کان پهرينءَ "هڪ گمنام ليکڪا جي نالي سان "پولش زبان" ۾ اٺويهين صديءَ ۾ شايع ٿي ۽ ان کان پوءِ دنيا جي ڪيترين ئي زبانن ۾ ترجمو ٿي، ڪروڙن جي تعداد ۾ شايع ٿي آهي.

گمنام عورت جي لکيل هيءَ شاهڪار ڪهاڻي صرف ڪنهن هڪ ڇوڪريءَ، ڪنهن هڪ عورت، ڪنهن هڪ ماءُ جي ڪهاڻي نه آهي، بلڪ ڪيترين ئي گمنام ڇوڪرين، عورتن ۽ مائرن جي آتم ڪهاڻي آهي.

غالباً ماءُ بنجڻ جي تمنا تي، هن کان بهتر ادبي شاهڪار، پيو ڪو مشڪل سان تخليق ٿيو هوندو.

ماءُ بنجڻ جي ان انتهائي مقدس ۽ پاڪيزه فطري خواهش کي، سنڌي زبان جي مروان ليکڪا، محترمه عذرا چنا، خاص طور تي سنگم جي پڙهندڙن لاءِ ترجمو ڪيو آهي.

عذرا چنا جي آرٽسٽڪ ذهن، هن ڪهاڻيءَ اندر سادگي دلسوزيءَ جو حقيقي رنگ ڀري ڇڏيو آهي.

ڪرم الاهي چنا]

✲ ✲ ✲

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهر ۾ اڪيلو رهندو هو، پر مونکي ان وقت سندس گهر ويندي ڪو به ڊپ محسوس نه پئي ٿيو. گهر پهچندي هن ڪاڏي پتي جون شيون منهنجي اڳيان رکيون ۽ مون کان ڪلاڪ کن جي اجازت وٺي گهر کان ٻاهر نڪري ويو. مان وري پنهنجي خيالن ۾ گم ٿي ويس. وقت گذرڻ جو احساس ئي نه ٿيو. هن اچڻ سان ئي مونکي ٻڌايو ته، ”اسين رات جي گاڏيءَ ۾ هي شهر ڇڏي رهيا آهيون.“

”شهر ڇڏي رهيا آهيون!“ مون سواليه انداز ۾ ڏانهس ڏٺو.

”اها دنيا جتي تنهنجي نٿيڙي لاءِ ماڻهو چميگوئيون ڪن، ان دنيا کي ڇڏڻ ئي بهتر آهي. تون مونتي اعتماد ڪر، مان تنهنجي خوشين خاطر سڀڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“

”تون منهنجي خاطر پاڻ کي ايترو پريشان ڇو ٿو ڪرين، ڪاليج ۾ هي تنهنجو آخري سال آهي، تنهنجا گهر وارا....“

هن منهنجي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چيو ته، ”بس تون هاڻي اهڙيون ڳالهيون نه ڪر ۽ جلدي هلڻ جي تياري ڪر.“

الف ضروري سامان بند ڪيو. مان خاموشيءَ سان ڪيس ڪم ڪندي ڏسندي رهيس. هن سامان بند ڪري مونکي چيو ته، ”هاڻي هلو ته هلون، اڄ کان تنهنجي زندگيءَ جو نئين سر آغاز ٿي رهيو آهي.“

مان هن سان گڏ هڪ انجاڻ منزل ڏانهن راهي ٿيس. مان دل ۾ روئي رهي هيس. مونکي پنهنجو گهر، مٽ مائٽ ۽ پاڙ ياد اچي رهيا هئا.

الف ان ڏکي مسافري ۾ منهنجي آرام جو تمام گهڻو خيال رکيو. اسين اترين علائقي جي هڪ وڏي شهر ۾ منجهند جو پهتاسين. اتي اسين هڪ هوٽل ۾ ترسياسين. هوٽل جي ڪمري ۾ ويهاري الف مونکي چيو ته، ”هاڻي تون آرام ڪر، ڏکي مسافريءَ جي ڪري ٿڪجي پئي هونديءَ. هن شهر ۾ منهنجو هڪ دوست آهي، مان ان سان ملي جلدي واپس اچان ٿو.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇي وڃي، ڪونہ ڪيس ڪهڙي خبر؟ جانـو انکي سمجهائيندي
چيو تہ جيڪڏهن حاجي دين محمد جـي ڪا بہ ڇڙڪري ڇري
ٿئي ها تہ حاجي دين محمد جـا نوڪر ۽ ڊرائيور ڊڪ ڊوڙ ۾
پنجي وڃن ها ۽ پچيائينس تہ ڀلا! تو منهنجي دبئي وڃڻ ڪانپوءِ
ڪڏهن بہ حاجي دين محمد جي نوڪرن کي ڊڪ ڊوڙ ڪندي
يا پريشان ٿيندي ڪونہ ڏٺو!؟

ڀاڙيسري چيس تہ يار جانو! جيئن تنهنجي دُبئي وڃي ڪان
اڳ حاجي دين محمد جـا نوڪر آرام سان ڪم ڪري رهيا
هئا تيئن پوءِ بہ ڪندا رهيا آهن. وڌيڪ مونکي خبر ڪانهي.

اڇا!ـــ جانوءَ ڪـي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي. چيائين مان
بہ چوان تہ ڇو حاجي دين محمد جي پنجن ٿي ڏيڻ مان ڪا
هڪ بہ اڇا ڇري نہ ٿي!!

—✻—

# شهناز ميمڻ

## ميهڻ ڪٽي

منهنجو هن سان ڪو پراڻو ساٿ نه هيو، پر الائي ڪيئن دل جي تار ملي وئي هئي! ڪو ڏک هڪ جهڙو هيو شايد، ڪهڙو ــ؟ اهو پچڻ جي نه هن ڪوشش ڪئي ۽ نه مان. رڳو محسوس ڪنديون رهيون سين.

هونئن ته اسان ٻئي فرسٽ ايئر ڪان گڏ هيوسين، پر هوءَ سائنس گروپ ۾ هئي ۽ مان آرٽس ۾. منهنجي ڪلاس جي ڇوڪرين جو خيال هيو ته عائشه ڏاڍي مغرور آهي. پر جڏهن انٽر ڪانپوءِ هن سائنس ڇڏي بي-اي ۾ داخلا ورتي ۽ اهي ئي سبجيڪٽ ڪنيائين، جيڪي مون وٺ هيا. تڏهن خبر پئي تــه هوءَ ڏاڍي سادي ۽ سباجهي هئي. هن ۾ ان عمر جي ڇوڪرين واري چنچلتا نه، پر گنڀيرتا هئي، ۽ ان ئي ڳالهه اسان ٻنهي کي ويجهو آندو. نراسائي ۽ حيراني ڳاڙهو هڪ عجيب ڪيفيت هوندي هئي هنجي اکين ۾! جيئن ڪو اڻ وڻندڙ ۽ اڻ وسرندڙ واقعو اکين ڏٺو هجي، ۽ ان تي ويساهه نه ايندو هجي.

تنهن ڏينهن فري پيريڊ هيو، اسان لائبريريءَ ۾ ويٺيون هيون سين. منهنجو ڪتابن ۾ ايڏو موهه ڏسي پڇيائين:

”تون به لکندي آهين فيروزه؟“

”لکڻ جو ڏانءُ ڪونهي. رڳو پڙهندي آهيان.“

”ع - ا - ع جا ليک ڪڏهن پڙهيا اٿئي؟“ هن پڇيو.

”ها، سٺو لکندي آهي، تحرير ۾ پختگي اٿس.“ مون ورائيو.

”جي اها مان هجان تهــ؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منير چانڊيو

## اڄايل مَن

ڪڏهن ڪڏهن نڪتي پيو هوس. ٻڪ ٻه ڏيڏي لڳي هئي. صبح جو سوير نيرن ڪري نڪتو هوس. ويٽيڪن سٽيءَ (Vatican City) ۾ سڄ نڪرڻ ڪان اڳ پوپ واعظ ڪندو آهي. دري کولي، ٻئي هٿ مٿي ڪري ماڻهن کي ڪهڪاريندو آهي. پاڻ اسيءَ ڪان مٿي آهي، انڪري ڪرسيءَ تي ويهاريندا اٿس. مشڪل سان پنج منٽ ڳالهايائين. ماڻهن جو ايترو تعداد ڪونه هو.

اتان پنڌ هليس. پنڌ هلڻ ۾ مونکي ڏاڍو مزو ايندو آهي. روم ۾ ڇنڇر ۽ آچر موڪل جا ڏينهن هوندا آهن. انهن ڏينهن ۾ فوٽ پاٿن ۽ چوراهن تي ٻه دڪان لڳي ويندا آهن ۽ ڏاڍي خريداري ٿيندي آهي. اڄ ڇنڇر جو ڏينهن هو ۽ رستن تي رونق گهٽي هئي. شهر وچان وهندڙ درياهه تي ماڻهو صبح ڪان ئي اچي ويا هئا، انڪري اتي ميڙو لڳو پيو هو.

تقريباً سڀئي آثار قديمه جون جايون ڏسي، هاڻ ويئا ونيسيا (Via Venecia) جي چوراهي تي باغ کي لڳل ڪاٺ جي لوڙهي تي ويهي سوچي رهيو هوس ته هاڻ ڪهڙي طرف رخ ڪيان، جو ماني ٻه ڪان ۽ جيڪي رهيل ڏسڻ جهڙيون جايون آهن، انهنکي ٻه ڏسي وٺان، پيريون ته اڃين ئي ڪڙين تي زور ڏنو هوم. پر جتي ٻه ويس ئي، اتي سياحن جي هٽن ۾ روم بابت ڪتاب ڏٺم، جيڪي ويهين ٽيهين روپين ۾ ئي مليا. بعد

توسان سان سفت ۽ هلڻ لاءِ تيار آهيان. انٿي منظور نه پوندو؟"
چپن وچان چپ ڪڍي، نوڪ ڪندي چيائين، "جيڪڏهن ڪنٽل آهين ته پوءِ هتي گهڻو ڇو آيو آهين."

— — — —

هوءَ سامهون مرڪي رهي هئي. ڪنڌ کي آهستي سان لوڏيندي اچڻ جو اشارو ڪيائين.
مون آس پاس نهاريو. ڪنڌ ۽ ٻه فوجي ڳالهائڻ ۾ مصروف هئا. ٻيا ماڻهو پنهنجي ڌن ۾ هئا. البته ٻه اڻالوي ڪنگلا دادا گير مونکي ۽ هنکي گهوري رهيا هئا.
آخر هن کان رهيو نه ٿيو. ڪار جو دروازو کوليندي، آهستي همٿ سان اچڻ جو اشارو ڪندي انگريزيءَ ۾ چيائين:
"ڇا سان اوهان سان ڳالهائي سگهان ٿي؟"
مجبوراً اٿي ڪار جي پرسان ويس ته هن وري پڇيو:
"اوهان افغانستان جا آهيو نه؟"
"نه."
"مون اوهانکي افغاني سمجهيو هو. پوءِ اوهان ضرور ايراني هوندا."
مون ڪنڌ سان نهڪار ڪئي.
سوچيندي چيائين: "پوءِ اوهان پاڪستان جا هوندا."
"جي ها"
"پشاور جا آهيو؟"
"نه."
"لاهور جا."
"نه."
"پوءِ ڪٿان جو آهين. ڀلا ڪٿي ٻڌاءِ."
"سنڌ جو."
"سکر جا."
"توکي سکر جي نالي جي خبر ڪيئن پئي؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اڄ ڪار ۾ ويھه تہ ٻڌايانءِ ٿي. مونکي تو سان ڳالھائڻو بہ آهي.“ هن مرڪندي چيو.

سندس مرڪ اهڙيءَ تہ پياري هئي جو ان ۾ پيار ڪي لڙهندي محسوس ڪيم. نيٺ دل ٻڌي ڪار ۾ سندس برسان واري سيٽ تي ويھي رهيس.

”ڏکجي پيو آهين نہ؟“

”ها.“ مون ڪيس گھو ريندي چيو.

هن ڪار کي اسٽارٽ ڪندي وري پڇيو: ”بک بہ لڳي هوندءِ.“

”ها، پر توکي ڪيئن خبر پئي؟“ مون ٿورو مرڪندي پڇيومانس.

”هل تہ ڪنھن هوٽل ۾ هلي ٿا ماني کائون. من سانيڪو ٿيئي تہ پوءِ حال احوال ڪنداسون. ٻاٿھي خبر پئجي ويندي‌ءَ. تون بہ ڇا ياد ڪندين.“

مون کي سندس ڳالھائڻ مان اندازو ٿيو تہ هوءَ ڏاڍي اچابل آهي.

—*—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي نوعيت جو منفرد ڪتاب

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو پلاٽينم جوبلي ڪتاب

(ڪتاب نمبر 100)

؟

انشاءالله نومبر ۾ شايع ٿيندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو سات نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book